# ”لکي ڏي !“

چنڊڙا، تون اڃا بيلو ڪلين ! شايد تون اها ڳالهہ ٻڌي ئي ناهي. ڀلا، ٻڌي بہ ڇا ڪندين ؟ گهر جي ڀتين تي ٻڌي، پوءِ اهي ڇو ڪين لڏيون ؟ جنهن وقت ٻنهي ماءُ-پٽن ڳالهہ ڳجهي ڇئي هئي، اها ڳالهہ، تنهن وقت هوا بہ تہ زور شور سان پئي ڦري گهري، پوءِ بہ چڪ ڪي منهن ۾ ڦهڪائي هلي ويئي !

مگر نہ، چنڊ، تون اهڙو ناهين؛ تون ٻڌين ها تہ ضرور روئي وجهين ها. هيترا سال جو تو سان رهاڻيون ڪيون اٿم، سو ڪو تہ ناتو ٻڌجي ويو هوندو ! مگر، ڪيئن چئجي، شايد گڏ رهڻ سان بہ ناتو نہ ٻڌبو آهي.

هاءِ ائين بہ شايد ٿي سگهندو آهي، نہ تہ ڀلا هاڻي ڪيئن چونم ها تہ ”لکي ڏي !“ هڪ-ٻن سالن جو ناتو تہ ناهي هن سان ! هوءَ راهہ شاهد آهي .... چوڏهن سال اڳہ ڪهار ڏولي کڻي پئي آيا، تڏهن هن راهہ منهنجيون سڀ من مستيون ٻڌيون هيون. ڪيڏي پئي کل آئي ان مهل،

انگ انگ ڦي نريو ! پيرن جي آڱرين تي زيور، هٿن جي آڱرين تي منڊين جا وڪڙ، ٻانهون، ڳچي، ...... پر مان ته نڪ جي هيري جي چمڪ تي ئي موهت ٿي پيئي هيس ! تازي ٽوپيل نڪ سور به ڪيڏو پئي ڪرايو، پر نئين ناتي جي خوشي ڪا هئي ! ڪهڙي سکي هئي، جنهن منهنجي سچڻ جي سونهن جي ساراهه نه ڪئي، ويندي ائين به چئي وينيون ته ”هڙو گهوٽ سهڻو اٿس، سو ٻار به جهڙا پرين جا ٻچا ڄڻيندس !“ هئي ته عجيب ڳالهه؛ شام ٽائين جا ڪنيا هئي، سا ويڙهيءَ تي ويهڻ سان ئي امڙ بڻجڻ جي لائق عورت ٿي پيئي !

مگر عورت ٿيندي ڪيڏو فخر هو ! - ايترو ئي وڏو، جيتري اڄ پيهر موٽي ڪنيا ٿيڻ جي بيوسي آهي. ڪنوارن جو هلڻ ڪيڏو ڏيمو ٿي لڳو. اهو ڳوڙهو ڳوڙهو هٽ جو ويڙهيءَ تي ڏنو هوم، ان جي چانديءَ جهڙي چهري واري مالڪ کي ڏسڻ لاءِ ڪيتري نه بيتاب هئس. سوچيم، ”سوني هوندي اها مهل !“ مگر اها مهل آئي ڪانه ۽ جڏهن آئي، تڏهن به سوني بڻجي نه آئي. پتيءَ امتحان ڏنو، پوءِ آئي اها مهل. شاديءَ کي پورا چاليهه ڏينهن ٿي چڪا هئا. ايترين راتين کنهن جي قدمن جي آهٽ ٻڌڻ لاءِ ڪن پريشان رهي رهي. نااُميد ٿي چڪا هئا.

ليڪن هاءِ ڙي ناريءَ جي بيوسي ! پوءِ به جڏهن قدمن جي آهٽ آئي، تڏهن، ڪن سرلا ڪري، منهن ڍڪي، سڏي ٿي وينيس. هن منهنجو گهونگهٽ مٿي ڪنيو. اُها مهل، اُها

گهڙي اچي پهتي هئي. لهه پرين اکين پورو ديدار ڪرڻ به نه ڏنو ! الائي ڇا ٿي ويو ان گهڙي کي !

”ننڊ ڪانه ٿي اچيئي ؟“

اهو به ڪو پلا سوال هو ! مان ڪٽي اٿپڙهيل هيس، ته به ڪيترين ساهڙين کان اهڙيءَ گهڙيءَ لاءِ سوال جواب پڇي رکيا هئم. ۽ هن پلا ڪنهن ڪتاب ۾ به ان کان سهٽي ڍنگ جي ڳالهه نه پڙهي هئي ! مان پلا ڇو چوان ته ”ننڊ ڪانه ٿي اچيم ؟“ ڇاليهه راتيون ڪهڙي ننڊ آئي هئي جو اڄ ايندي هوندي. پر مان ڇو کيس ٻڌايان ؟ ڪٽي ڪنڌ ڌوڻيم. بس هو پوئين پير هليو ويو ! ويندي ويندي چوندو ويو، ”سمهي پئه.“

ڪاش، ان گهڙيءَ انهيءَ سمهي پوڻ جو مطلب سمجهي سگهان ها ! تن بدن ۾ آگ لڳي ويئي. در جي ڇيپات وٽ بيهي، جيڪي ٻڌم، تنهن ته ساري سگهه ستيائي ڪڍي ڇڏي : ”هر ڳالهه ۾ ضد ڪندي آهين، اما ! پهرين ڇيئه ننهن ڪپي، هاٽي ... بس بس، مونکي هاٽي مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ ڏي.“

”هاءِ، رام ! اجا به اوسيڙو ڪڍٽو پوندو !“، سوچيندي سوچيندي، دماغ پاڳل ٿي رهيو هو. ڪيترا ڏينهن ته اکين مان ڳوڙها ئي نٽي سگا. عزيز خويش رحم کائڻ لڳا. ان رحم جي پلئه کي پيار جو پلئه سمجهي، ڇڪي، ان ۾ پاڻ ويڙهي ڇڏيم. وري به کلڻ ڪڏڻ لڳيس ۽ اميد جي ڏيئي جي وَٽ کي به ڏينهون ڏينهن اڳتي سوريندي رهيس. سکيون سرتيون

به ان وٽ ڪي سورڻ ۾ مدد ڪنديون هيون. سندن منا ٻول - ”لاجوءَ جي تہ لوڏ ئي لڪ ڏي لهي! ڀائي سندس گهوٽ ٿيندو وڪيل، پوءِ تہ لاجو اسان سان ڳالهائيندي بہ ڪانہ!“
... هاءِ، ڪيڏا سيسرات اُڀرندا هئا انهن مٺن ٻولن سان! ڪيڏيءَ وڏي پونجيءَ جو انتظار هو!
۽ مليو ڇا اڙي چنڊ!
... ڏاڍي ٿوري پونجي اٿيئي منهنجي. ان لاءِ بہ سندس امتحان پاس ڪرڻ تائين ترسندي رهيس. شايد ان ڪري ئي ايڏي پيار اٿم اها پونجي؛ نہ تہ ٻالڪ جيڪي اڳڙيون ٿڳڙيون ميڙيندا رهندا آهن، تن کي ڇا وڏيڪ آهي منهنجي پونجي! فقط ڪن راتين ۾ سندس سواسن جو ڇهاءُ، ۽ چپ چاپ ۾ ڪنهن وقت هڪ ٻار لاءِ اٻلاڪا! جيءَ جان سان ٻوري ڪيم سندس گهر، مگر نہ رهي سگهيو اهو ٻالڪ بہ هن جهان ۾. ٻالڪ جي مرتيو تي ئي بس هنکي پتيءَ جي روپ ۾ ڏسي سگهي هيس - هڪ همدرد انسان جي روپ ۾، ليڪن، ٻئي ڏينهن تي ئي سڀ ڪجهہ بدلجي ويو. هڪ ڏينهن لاءِ، کوهڻ ۾ پائڻ جو عجيب درشيہ ڏٺم، ۽ بس. ڪيڏي نہ وڏي پونجي آهي، چنڊڙا!
مون کان وڏيڪ ڪروپ نارين کي پنهنجي گهوٽن سان گهر جي هر ڪاريہ ۾ ويهي صلاح مصلحت ڪندي ڏٺو اٿم، پر، هائو، سندن گهوٽ پل منهنجي پتيءَ کان سندر آهي، تہ بہ منهنجي پتيءَ کان گهٽ پڙهيل آهن. تڏهين ڇا، علم ئي اهو ويڇو پيدا ڪيو آهي اسان ٻنهي جي جيون ۾؟

سچي هئي منهنجي هڪ سکي، جنهن چيو هو، ”جڏهين پٽي پڙهي تيار ٿيندو، تڏهين تنهنجا اوسيڙا اوجاڳا سمجهندو به ڪونه!“ پر مان جو چري هيس ... هيترو سندر، هيترو پڙهيل انسان، ڪڏهين منهنجين قربانين کي سمجهي نه سگهندو، اهڙي ڳالهه ته دماغ ۾ ويهي ئي نه پئي سگهي!

ڪل نه، چند! ڏاڍو وڏو ڌڪ آهي هيءُ. خبر ناهي ڪهڙن ڪنن سان سس جا اکر ٻڌم: ”لکي ڏي!“ ۽ اکيون ڪٽي جو پٽيءَ ڏانهن نهاريم، ..... هاءِ، هن به ائين ئي چيو، ”لکي ڏيندينءَ، تڏهين ئي ٻي شادي ٿي سگهندي!“ مري چو نه ويس ان مهل! ساري پرٿوي اچي لڏي: اکين جي درياءُ ۾ هر چيز کي لڏندو ٻڏندو ڏٺم، پر نه سمجهي سگهيو ڪوئي هيءَ پيڙا! هڪ سکيءَ ليلا - چنيسر جي ڪهاڻي ٻڌائي هئي. ليلا کي ته سڪي مليل هو پٽيءَ وٽان. هن پٽيءَ جي آزمائش ٿي لڏي: هڪ وڏو ڀرپور وشواس پٽيءَ جي راهه ۾ اڇلي، ڪلڻ ويهي رهي. هاءِ للچي ويئي! روئي موٽي، مون جيان!

مگر هيءَ هئي سس! ناريءَ جي ويدنا، ناري به نه سمجهي! جڏهن پٽي پڙهڻ ۾ مشغول هو، تڏهن سس کان اسڪول وڃڻ جي موڪل گهري هيم. هن ڀرون تاڻي چيو هو، ”وڏن گهرن جون نهر به ڀلا اسڪول ويندڀون آهن؟“

- ته وڏن گهرن جون نهر فقط ٻل چاڙهيون ويندڀون آهن؟

پيو ويڙهين هيءُ بادل جو آنچل ؟ نہ لڪاءِ پنهنجو مکڙو، اڄ رات پاڻ سان ڏک وتڊڻ ڏينم، پنهنڄن سيتل ڪرڻن جي بارش وساءِ، هن آگ لڳل جيءَ کي ٿڌو ٿيڻ ڏي؛ نہ تہ ڪيئن گذرندي هيءَ رات ! اڪيلي سر ڏک جو پهاڙ ڪٽي نٿي سگهان. تون بہ مون کان پري گگن ۾ آهين، ۽ پتي بہ آڪاس کان گهٽ پري ناهي. ليڪن، هڪ ڳالهہ ٻڌايانءَ ؟ .... ڪڏهن ڪڏهن هو لوڪ ستي منهنجي بلڪل ئي ويجهو هليو ايندو آهي تہ اصل ايترو ويجهو، جيترو ڌرتي ۽ آڪاس جبلن ۽ ٽڪرين وٽ مليل نظر ايندا آهن. ان مهل ڏاڍي رعب سان ائين چئي سگهندو آهي، ”ائين نہ سمجهہ تہ مان پنهنجي غرض لاءِ ٿو تو وٽ اچان !“ ان مهل مان پاڻ کي سمجهندي آهيان ڌرتي، جيڪا ٻين جي لتڙ سهندي بہ ماٺ رهندي آهي، پاڻ کي خوشحال سمجهندي آهي.

چا ٿئي ها، چنڊڙا، جي هو مون اٿپڙهيل نينگريءَ سان سک جي زندگي گهاري ها، ڪڏهين مونکي منهنجي اوسيڙي جو اُجورو ڏئي ها. پوءِ اسانجا ٻالڪ پيدا ٿين ها، اسين کين پڙهايون ها ! مان جيڪر ننهن پائڻ جو لوپ نہ رکان ها. مان پوءِ اهوئي لوپ رکان ها تہ منهنجن ٻچن جون ونيون اچن، سندن جيان پڙهيل، سندن جيان سندر. چا ٿو چوين، چنڊ، مان ڏک نہ ڏسان ها تہ پنهنجن ٻچن کي بہ اٿپڙهيل نهر ولي ڏيان ها ؟ پيڙائن سان ئي سڌارو ايندو آهي ؟ نہ، نہ اها بي سمجهي آهي. ڏک سهي انسان ڪڙو ٿيندو آهي ڏس، کهڙا پيئي سين کي حرف پڙيان. ائين ٿو لڳيم، جيڪر

ساري عالم کي باھ ڏيئي ڇڏيان. اھا سيج جا ڪڏھين منھنجي نہ ٿي سگھي، ان کي ساڙي رک ڪري ڇڏيان، ۽ مٿان ھاري ڇڏيان ان تي ڪومل ناري جو خون، جا اڄ منھنجي اندر گھٽو ڪائي مرندي. اڄ ھڪ وڏو خون ٿيندو، ڪوملتا جو، مڌرتا جو خون. پلي لڪي وڃ بادلن ۾، نہ ڏسج اھو خون ! ڏس، تارا تہ اڃا بہ الڙ ٻالڪن جيان پيا ڪلن. پڇن پيا، ”تون ھڪ، ھن برھمانڊ ۾ آھين ئي ڇا ؟“

ھائو، مان آھيان ئي ڇا، نہ تہ ڪيئن ھڪ اٿپڙھيل کان ”لڪائڻ“ جي ڪو ھمت ڪري سگھي ھا ؟ لکي تہ ڪي ڪين ڇاٿان، ھائو، آڱوٺي جو نشان وٺندا مون کان، سڌيءَ طرح نہ ڏيندس تہ اٽسڌي طرح مجبور ڪندا. پوءِ ٻن روٽين کان محروم ڪري، شايد گھر کان ھڪالي بہ ڇڏين. ڪجھ عزت بچائڻ لاءِ، ڪجھ بک مري، شايد آڱوٺي جو نشان ڏيئي بہ وجھنديس. پر انصاف کي ڇو ائين ڪوڙو آڱوٺو ڏيکاري ئي شيطان ھميشھ دوکو ڏيندو رھندو، ۽ چنڊ، تون آسمان تي ائين ئي چمڪندو رھندين ؟

نہ چنڊ، نہ مان مري ملجي ويندس ! ٽيھن سالن جي تہ اڃي ٿي آھيان. ڪيڏن ارمانن کي گھٽا ڏيئي جيئندي رھي آھيان. بک کي بہ گھٽو ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس، پر آڱوٺي جو نشان ڪين ڏينديس. ڪوڙ کي سچ مٿان سوپ پائڻ ڪين ڏينديس ! ھو دروازي کان ٻاھر ڪڏي ڇڏيندا نہ ؟ ھا، ٻاھر بہ لڪرنديس. شايد ڇري ٿي پوان، رستن تي ڦرندي رھان .... ڪئين ڇريون ائين ڦرنديون ڏليون اٿم، جن جي

احساس کي نہ سمجھي، دنيا کين ان کڙي تي پهچائي چڏيو آهي.

چنڊ، پوءِ بہ تون ماڻهن جي دلين ۾ روشني کين ڦهلائيندين ؟ چئہ، مان ڇا کريان. سچ جو گلو گھٽڻ ڏيان ؟ سچ کي تہ مون هميشهہ تنهنجي ئي روپ ۾ ڏٺو آهي - پيارو پيارو، چمڪندڙ ۽ روشن. توسان کيڏيون ڳالهيون کندي آهيان. جڏهين هو مسافريءَ تي هليو ويندو آهي، يا هيٺ پدري ۾ کوئي حساب کتاب پيو سنڀاليندو آهي، تڏهين مان توسان ئي تہ ڳالهيون کندي آهيان. ڀيو کير آهي منهنجو هن سڄ منجهہ ؟

نہ، چنڊ، مان تنهنجو گلو گھٽڻ نہ ڏينديس. نہ ڏينديس آڱولي جو نشان ! پر، چنڊ، هاڻي هوءَ دنيا منهنجي رهڻ لاءِ ناهي ... ليکن ائين ڇو ؟ بي ڏوهي ائين مري وڃن، مون وانگر ارمان گھٽي گھٽي جيئن، ۽ هڪ ڏينهن پاڻ کي بہ گھٽي ڇڏين ؟ کڏهين تہ انصاف جي تارازي بہ کٽي بيهہ ! بس، وس وارا ائين بيوسن کي ڏوهي ٺهرائيندا ڦرن ؟ نہ، چنڊ، اهڙو عالم بدلائي ڇڏ. کٽي اچ پنهنجي سهائي، آرپار انهن ڏاڍن جي هردن اندر کر اچي چانديءَ جو کومل، سيتل پرکاش !

(نئين دنيا ١٩٦١)